# مولىٰ علي

# جا جنتي باغ

**06-March-2026**

هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)



**6 مارچ 2026ع (بمطابق: 16 رمضان ڪريم 1447ھ)**

**تي پاڪستان ۾ دعوتِ اسلامي جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان**

# موليٰ علي جا جنتي باغ

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ...

- ✿... **اصحابِ بدر جي فضيلت**
- ✿... **نادِ علي جون برڪتون**
- ✿... **موليٰ علي جا جنتي باغ**
- ✿... **طوبيٰ وڻ جون پاڙُون**

پیشکش

اَلْمَدِیْنَةُ الْعِلْمِیَة

Islamic Research Center

(شعبہ: بیاناتِ دعوتِ اسلامی)

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ؕ وَ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيِّيْنَ ؕ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله — وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله — وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

هڪ دفعي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم نےحضرت جبرائيل عَلَيْهِ السَّلَام کان پڇيو: اللّٰه پاڪ جي ويجهو ڪهڙو عمل سڀ کان وڌيڪ پسنديده آهي؟ عرض ڪيو ويو: اَلصَّلَاةُ عَلَيْكَ يَا مُحَمَّدُ وَحُبُّ عَلِيِّ بْنِ اَبِيْ طَالِبٍ يعني توهان (صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم) تي درود پاڪ پڙهڻ ۽ حضرت علي رَضِيَ اللّٰهُ عنه سان محبت ڪرڻ (اللّٰه پاڪ جي نزديڪ تمام گهڻو پسنديده عمل آهي). [1]

اے مدینے کے تاجدار سلام — اے غریبوں کے غمگسار سلام

تیری اِک اِک ادا پر اے پیارے — سو درودیں فدا ہزار سلام

میرے پیارے پہ، میرے آقا پر — میری جانب سے لاکھ بار سلام

عرض کرتا ہے یہ حسنؔ تیرا — تجھ پر اے خُلد کی بہار سلام [2]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

1...القول البديع،الباب الثانی فی ثواب صلاة علی رسول اللہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَ آلِہٖ وَ سَلَّم ، صفحہ: 134۔

2... ذوقِ نعت، صفحہ:170، 171 ملتقطاً۔

## بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديث پاڪ ۾ آهي: اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيَّاتِ عملن جو دارومدار نيتن تي آهي. [1]

اي عاشقانِ رسول! سنين نيتن سان عمل جو ثواب وڌي ويندو آهي، اچو تہ بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪري وٺون ٿا. نيت ڪيو تہ ! ◈ الله جي رضا جي لاءِ بيان ٻڌندس ◈ باادَب ويهندس ◈ خوب توجهه سان بيان ٻڌندس ◈ جيڪو ٻڌندس ان کي ياد رکڻ، پاڻ عمل ڪرڻ ۽ ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ٻيڙي ڪِناري سان لڳي وئي...!!

هڪ تمام خوبصورت واقعو ٻڌو! بيان ڪيو ويو آهي تہ ڪجهہ ماڻهو سمنڊ ۾ بحري جهاز (*Ship*) جي ذريعي سفر ڪري رهيا هئا. اوچتو تيز هوائون هلڻ لڳيون، جهاز لوڏا کائڻ لڳو، مسافرن جي دلين تي خوف طاري ٿي ويو، ڪلما، درود ۽ دعائون تيڻ لڳيون، دليون تيزيءَ سان ڌڙڪي رهيون هيون، سيني کي اِهوئي خوف هو تہ هاءِ! اسان وچ سمنڊ ۾ غرق ٿي موت جي مُنهَن ۾ هليا ويندا سين. هڪ طرف جهاز ۾ ايڏو وڏو ڪهرام متل هو ۽ ٻئي طرف هڪ مجذوب (يعني عشقِ الاهي ۾ گُم رهڻ وارو) بزرگ هر شيءَ کان بي نياز ٿي جهاز جي هڪ ڪنڊ ۾ آرام سان سُتو پيو هو. هڪ مسافر جڏهن انهن کي ڏٺو تہ سندن ويجهو ويو ۽ ان کي هٿ سان لوڏيائين، اوچتو اک کلي تہ انهن فوراً پڙهيو:

بِسۡمِ اللّٰهِ الَّذِیۡ لَا یَضُرُّ مَعَ اسۡمِهٖ شَیۡءٌ فِی الۡاَرۡضِ وَلَا فِی السَّمَاءِ وَهُوَ السَّمِیۡعُ الۡعَلِیۡمُ

---

[1]... بخاري، کِتَاب بَدءُ الْوَحي، صفحہ:65، حديث:1۔

**ترجمو:** الله پاڪ جي نالي سان، جنهن جي نالي جي برڪت سان زمين ۽ آسمان ۾ ڪا بہ شيءِ نقصان نہ پهچائيندي آهي اهو ئي ٻڌندو، ڄاڻيندو آهي

مسافر چيو: اي الله جا ٻانها ...! ڇا توهان ڏسي نہ رهيا آهيو تہ اسان ڪهڙي مصيبت ۾ گرفتار آهيون، توهان پوءِ بہ آرام سان سُتا پيا آهيو. اُهي مجذوب بزرگ خاموش رهيا، زبان سان ڪجهہ بہ نہ چيائون، پوءِ هڪ ڪاغذ ڪڍيائون ۽ مسافر کي ڏيندي چيائون: هي ڪاغذ وٺ ۽ جهاز جي مٿان رکي اچ...!! اُهو مسافر چوي ٿو تہ: مون انهن جي ڳالهہ مڃي ۽ اهو ڪاغذ وٺي جهاز جي مٿان رکي ڇڏيو. جيئن ئي مون اِهو ڪم ڪيو، الله پاڪ منهنجي اکين تان پردا هٽائي ڇڏيا! ڇا ٿو ڏسان ٿو تہ ڪيترائي ماڻهو آهن، جيڪي جهاز کي هڪ طرف کان پڪڙي خشڪيءَ ڏانهن ڌِڪي رهيا آهن. ان ڏينهن طوفان ايترو تہ تيز هو جو ڪيترائي بحري جهاز ان جو مقابلو نہ ڪري سگهيا ۽ ڀَڃِي ڀُرِي سمنڊ ۾ غرق ٿي ويا پر اسان تي ڪرم ٿيو، ان غيبي بزرگ اسان جو جهاز ڌِڪي خشڪيءَ تائين پهچائي ڇڏيو. اهو مسافر چئي ٿو: مان وڏو حيران ٿيس، جڏهن مون اهو ڪاغذ کوليو تہ ڏٺم تہ ان ۾ بدري صحابہءِ ڪرام رضی اللہ عنہم جا نالا لکيل هئا.

اَلحمدُلِلّٰه! انهن پاڪيزه نالن جي برڪت سان اسان جي جان بچي وئي، ٻئي ڏينهن اسان انهن نالن جو وظيفو پڙهندي جهاز ۾ سوار ٿياسين ۽ اِهي ئي نالا پڙهندي پڙهندي خير ۽ عافيت سان پنهنجي منزل تي پهچي وياسين. (1)

جاں نثارانِ بدر و اُحد پر درود | حق گزارانِ بیعت پہ لاکھوں سلام (2)

**وضاحت:** غزوه بدر ۽ اُحد ۾ دين لاءِ جانيون قربان ڪرڻ وارن تي درود

[1]...رفع القدر فی توسل بوسیلۃ اہل البدر (مترجم)، صفحہ:23۔

[2]... حدائقِ بخشش، صفحہ:311۔

هجن، بيعتِ رضوان جو حق ادا ڪرڻ وارن اصحابن تي لکين سلام هجن.

## اصحابِ بَدر جي فضيلت

پيارا اسلامي ڀائرو! غزوهءِ بدر اسلامي تاريخ جو عظيم ترين معرڪو (*The great battle*) آهي، هيءُ اسلامي تاريخ جي پهرين جنگ آهي جيڪا حق ۽ باطل جي وچ ۾ لڳي، اَلحمدُلِلّٰہ! هن جنگ ۾ مسلمانن کي عظيم ترين فتح ۽ غير مسلمن کي عبرتناڪ شڪست ٿي. اُهي صحابهءِ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عنهم جيڪي هن غزوي ۾ شريڪ ٿيا، انهن ۾ مسلمانن جو پهريون خليفو حضرت ابوبڪر صديق، ٻيو نمبر خليفو فاروق اعظم، چوٿون نمبر خليفو حضرت علي المرتضيٰ رَضِیَ اللّٰہُ عنهم سميت تقريباً **313** صحابهءِ ڪرام شامل آهن، الله پاڪ انهن صحابهءِ ڪرام کي تمام گهڻيون فضيلتون بخشيون آهن. بخاري شريف جي روايت آهي: هڪ دفعو حضرت جبريل اَمين عليه السلام بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيا، عرض ڪيائون: يا رسول الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم ! توهان اصحابِ بدر کي ڪيئن سمجهو ٿا؟ پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: مِنْ اَفْضَلِ الْمُسْلِمِيْن يعني غزوهءِ بدر ۾ شرڪت ڪرڻ وارا صحابهءِ ڪرام تمام مسلمانن کان افضل آهن. عرض ڪيائون: يا رسول الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم! اُهي ملائڪ جيڪي غزوهءِ بدر ۾ شريڪ ٿيا هئا، اسان ملائڪن جي وچ ۾ انهن جو به اهڙو ئي مقام آهي. **(1)**

## اصحابِ بدر جي نالن جون برڪتون

علماءِ ڪرام لکيو آهي: الله پاڪ اصحابِ بدر جي نالن ۾ تمام گهڻيون برڪتون رکيون آهن ◈ انهن جي نالن جي وسيلي سان دعا ڪئي وڃي ته مراد پوري ٿيندي آهي ◈ انهن نالن جي برڪت سان مريضن کي شفا نصيب

[1]...بخاري، ڪتاب المغازي، باب شهود الملائڪة بدرا، صفحه:1003، حديث:3992۔

ٿيندي آهي ◈ چورن ۽ ڌاڙيلن کان حفاظت ملندي آهي ◈ بيروزگاري هجي ته انهن نالن جي برڪت سان روزگار نصيب ٿي ويندو آهي ◈ مطلب ته: کھڙي به مشڪل هجي، پريشاني هجي، اصحاب بدر جي نالن جي وسيلي دعا ڪيو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! مشڪلاتون دور ٿي وينديون ۽ مَنَ جون مرادون پوريون ٿي وينديون.

انهن نالن جي هڪ اهم ترين برڪت اِها آهي ته ◈ علماءِ ڪرام لکيو آهي: جيڪو انهن پاڪ نالن جو ورد ڪندو رهندو، الله پاڪ ان کي ولايت جو تاج عطا فرمائي ڇڏيندو آهي. (1)

اصحاب بدر کو ملی عظمت کمال ہے | عزم اُن کا ہے کمال، عزیمت کمال ہے

الله پاڪ اسان کي اصحاب بدر جون برڪتون نصيب فرمائي. غزوهٔ بدر ۾ شرڪت ڪرڻ وارن صحابه ڪرام رضی اللّٰہ عنہم جا مبارڪ نالا ڪتابن ۾ لکيل آهن، انهن کي حاصل ڪريو! ◈ ڪاغذ وغيره تي لکي پاڻ وٽ رکو! ◈ گھر ۾ رکو! ◈ انهن پاڪ نالن جي برڪت سان دعائون گھرو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! بيشمار برڪتون نصيب ٿينديون. الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق نصيب فرمائي. اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم .

## مولىٰ علي به بدري صحابي آهن

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلحمدُ لله! مسلمانن جا چوٿان خليفا امير المؤمنين، مولاءِ ڪائنات، علي المرتضيٰ، شير خدا رضی اللّٰہ عنہ به بدري صحابي آهن بلڪ پاڻ رضی الله عنه ته اهڙي شان وارا صحابي آهن جو غزوهٔ بدر ۾ ڪين امتيازي شان

[1] رفع القدر فی توسل بوسیلۃ اہل البدر (مترجم)، صفحہ:9 مفصلاً۔

نصيب ٿيو ۽ ان موقعي تي سندن متعلق آيتون بہ نازل ٿيون.

هاڻي ٿورو ويهر غور ڪريو! جڏهن اصحابِ بدر جا نالا ونڻ سان بيشمار برڪتون نصيب ٿينديون آهن، مشڪلاتون دور ٿي وينديون آهن، بگڙيل ڪم ٺهي ويندا آهن، تہ پوءِ حضرت مولا علي رضی اللہ عنہ جيڪي بدري صحابي بہ آهن ۽ غزوهءِ بدر ۾ امتيازي شان رکڻ وارا بہ آهن، انهن جو پاڪ نالو ونڻ سان مشڪلون ڇو نہ ٽرنديون.

میں گنَاہوں کا مریض اور آپ ہیں میرے طبیب | دیجئے! مجھ کو شفا مولیٰ علی مشکل کشا
مغفرت کروایئے! جنّت میں لے کے جایئے! | واسِطہ حسنین کا مولیٰ علی مشکل کشا
اشکبار آنکھیں عطا ہوں، دِل کی سختی دُور ہو | دیجئے خوفِ خُدا مولیٰ علی مشکل کشا
بھیک لینے کے لئے دربار میں منگتا ترا | لے کے کشکول آگیا مولیٰ علی مشکل کشا
کیوں پِھروں در در بھلا خیرات لینے کے لئے | میں فقط منگتا تِرا مولیٰ علی مشکل کشا[1]

## غزوهءِ بدر ۾ مولِيٰ علي جو امتيازي شان

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت علي شيرخدا رضی اللہ عنہ غزوه بدر ۾ شريڪ ٿيا ۽ پاڻ امتيازي طور تي هن ۾ بهادري جا جوهر ڏيکاريا.

حضرت محمد بن علي رَحمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: بدر جي ڏينهن آسمانن مان هڪ ملائڪ نعرو لڳايو:

لَا سَيْفَ اِلَّا ذُو الْفِقَارِ | وَلَا فَتٰى اِلَّا عَلِیٌّ

**ترجمو:** اصل تلوار تہ ذوالفقار (يعني رسولِ ذيشان صَلَّى اللّٰہُ عَلَيْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جي تلوار)

[1] … وسائل بخشش،صفحہ:522و 523 و 524۔

آهي ۽ حقيقي جوان يعني بهادر تہ حضرت علي رضی اللہ عنہ آهن. [1] سُبْحٰنَ الله!

مرتضیٰ شیرِ حق اَشجعُ الاَ شجعیں | ساقیِ شیر و شربت پہ لاکھوں سلام
شیرِ شمشیر زن شاہِ خیبر شکن | پَرتَوِ دستِ قدرت پہ لاکھوں سلام (2)

**وضاحت:** الله پاڪ جا شينهن ◈ بهادرن ۾ سيني کان وڏا بهادر ۽ ◈ حوض ڪوثر جا جام شربت پيارڻ واري مولاءِ ڪائنات تي لکين سلام نازل ٿين ◈ مولا علي المرتضيٰ، شير خدا رضی اللہ عنہ شينهن وانگر بهادري سان تلوار هلائڻ وارا ◈ خيبر جي دروازي کي ٽوڙڻ وارا ◈ دستِ قدرت جو فيضان حاصل ڪرڻ وارا آهن، انهن تي لکين سلام نازل ٿين.

## موليٰ علي جا 4 خصوصي شانَ

پيارا اسلامي ڀائرو! هي 3 صحابہءِ ڪرام يعني حضرت موليٰ علي، حضرت حمزه ۽ حضرت عبيده رضی اللہ عنہم جيڪي بدر جي ڏينهن ٻهريان اڳتي وڌيا ۽ غير مسلمن کي جهنم پهچايائون، انهن ٽنهي صحابہءِ ڪرام جي باري ۾ هي مبارڪ آيتون نازل ٿيون، الله پاڪ فرمايو:

اِنَّ اللّٰهَ يُدْخِلُ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ يُحَلَّوْنَ فِيْهَا مِنْ اَسَاوِرَ مِنْ ذَهَبٍ وَّ لُؤْلُؤًا ؕ وَ لِبَاسُهُمْ فِيْهَا حَرِيْرٌ ﴿۲۳﴾ وَ هُدُوْٓا اِلَى

**ترجمو ڪنزالعرفان:** بيشڪ الله ايمان وارن کي ۽ نيڪ عمل ڪرڻ وارن کي انهن باغن ۾ داخل فرمائيندو جن جي هيٺان نهرون جاري آهن انهن کي ان باغن ۾ سون جا ڪنگڻ ۽ موتي پارايا ويندا

[1]...الرياض النضرة، جز:3، الباب الرابع، الفصل السادس، ذكر اختصاصه بتنويه...الخ، جز:3،صفحه:134۔
[2]...حدائقِ بخشش، صفحه:313 ملتقطًا۔

| | |
|---|---|
| الطَّيِّبِ مِنَ الْقَوْلِ ۚ وَ هُدُوْۤا اِلٰى صِرَاطِ الْحَمِيْدِ ﴿۲۴﴾ (پارو: 17، سورة الحج: 23-24) | ۽ جنتن ۾ انهن جو لباس ريشم هوندو ۽ انهن کي پاڪ ڳالهه جي هدايت ڪئي وئي ۽ انهن کي سمورين خوبين جي لائق (الله) جي واٽ ڏيکاري وئي. |

هي **4** انعام آهن: **(1):** انهن کي جنتي باغ عطا ڪيا ويندا **(2):** اُتي انهن کي سون جا ڪنگڻ (*Golden Bracelets*) ۽ موتي (*Pearls*) پارايا ويندا **(3):** انهن جو لباس مبارڪ ريشم (*Silk*) جو هوندو **(4):** انهن کي پاڪيزه ڳالهه جي هدايت ڏني وئي ۽ سيني خوبين واري رب ڪريم جو رستو ڏيکاريو ويو.

سُبْحٰنَ الله! ڇا شان آهي مولا علي رضي الله عنه جو ...!!

| | |
|---|---|
| تعالَی اللہ تری شوکت تری صَولَت کا کیا کہنا | کہ خطبہ پڑھ رہا ہے آج تک خیبر کا ہر ذرّہ |
| مسلمانو! رسول اللہ کی الفت اگر چاہو | کرو اس کی غلامی جس کا ہر مومن ہوا بندہ (1) |

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## مولىٰ علي جا جنتي باغ

حضرت علي المرتضيٰ، شير خدا رضي الله عنه فرمائن ٿا: مان رسولِ رحمت، مالڪِ جنت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم سان گڏ مديني جي ڪنهن رستي کان گذري رهيو هيس، اسان هڪ باغ (*Garden*) جي ويجهو کان گذرياسين، مون چيو: يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم! هي ڪيڏو نه خوبصورت باغ آهي...!! فرمايائون: لَكَ فِي

1... ديوانِ سالک، صفحه:80-82 ملتقطاً۔

اَلْجَنَّةِ اَحْسَنُ مِنْهَا (يعني اي علي!) توکي جنت ۾ ان کان بہ وڌيڪ خوبصورت باغ ڏنو ويندو. پوءِ اسان هلندي هلندي هڪ ٻئي باغ جي ڀرسان گذرياسين، مون عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم! هي بہ ڪيڏو نہ خوبصورت باغ آهي. فرمايائون: لَكَ فِي الْجَنَّةِ اَحْسَنُ مِنْهَا (يعني اي علي!) توکي جنت ۾ ان کان بہ وڌيڪ خوبصورت باغ ڏنو ويندو. اهڙي طرح هلندي هلندي اسان 7 باغن جي ڀرسان گذرياسين، پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم هر ڀيري اِهو ئي فرمائيندا رهيا: لَكَ فِي الْجَنَّةِ اَحْسَنُ مِنْهَا (يعني اي علي!) توکي جنت ۾ ان کان بہ وڌيڪ خوبصورت باغ ڏنو ويندو. [1]

| | |
|---|---|
| میں گنہگاروں کا مریض اور آپ ہیں میرے طبیب | دیجیے! مجھ کو شفا مولیٰ علی مشکل کشا! |
| مغفرت کروائیے! جنّت میں لے کے جائیے! | واسطہ حسنین کا مولیٰ علی مشکل کشا! |
| اشکبار آنکھیں عطا ہوں، دِل کی سختی دُور ہو | دیجئے خوفِ خُدا مولیٰ علی مشکل کشا! |
| بھیک لینے کے لئے دربار میں منگتا ترا | لے کے کشکول آگیا مولیٰ علی مشکل کشا! |
| کیوں پِھروں در در بھلا خیرات لینے کے لیے | میں فقط منگتا ترا مولیٰ علی مشکل کشا! [2] |

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## طُوبيٰ وڻ جون پاڙون

پيارا اسلامي ڀائرو! شانِ مولا علي رضی اللہ عنہ ۾ هڪ آيت ڪريمہ ٻڌو! ارشاد ٿئي ٿو:

| | |
|---|---|
| طُوْبٰى لَهُمْ وَحُسْنُ مَاٰبٍ ﴿۲۹﴾ (پارو: 13، سورة رعد: 29) | ترجموڪنزالعرفان: انهن جي واسطي خوشي ۽ چڱو انجام آهي. |

1... مسند ابی یعلی، مسند علی بن ابی طالب، جلد:1، صفحہ:191، حدیث:565۔

2... وسائلِ بخشش، صفحہ:522۔524 ملتقطاً۔

يعني ايمان وارا ۽ نيڪ عمل ڪرڻ وارا جيڪي آهن، انهن جي لاءِ طوبىٰ آهي ۽ بهترين نڪاڻو آهي.

**هي طوبىٰ ڇا آهي؟** ان بابت روايت پڙهو! حضرت ابوجعفر رَحمةُ اللهِ عَلَيه فرمائن ٿا: رسولِ رحمت، شفيع اُمت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ سوال ٿيو: يا رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم ! هن آيت ۾ **طوبىٰ** جو مطلب ڇا آهي؟ فرمايائون: هي هڪ وَڻُ آهي، جنهن جون پاڙون منهنجي (جنتي) محل ۾ ۽ شاخون جنت جي سمورن محلن ۾ پکڙيل آهن.

اِهو موقعو گذري ويو، هڪ دفعو ٻيهر پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ ساڳيو سوال ٿيو، هن ڀيري پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: **طوبىٰ** جنت ۾ هڪ وڻ آهي، جنهن جون پاڙون علي المرتضىٰ رضي الله عنه جي (جنتي) محل ۾ ۽ شاخون سڄي جنت ۾ ڦهليل آهن.

صحابهءِ ڪرام رضي الله عنهم عرض ڪيو: معاملو سمجهه ۾ نہ آيو، پهريان ارشاد ٿيو هو تہ **طوبىٰ** وڻ جون پاڙون اوهان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي جنتي محل ۾ آهن، هاڻي ارشاد ٿيو تہ ان جون پاڙون علي المرتضىٰ رضي الله عنه جي جنتي محل ۾ آهن، ان جو مطلب ڇا آهي؟ پياري محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اِنَّ دَارِىْ وَدَارَ عَلِيٍّ غَدًا فِى الْجَنَّةِ وَاحِدَةٌ يعني بيشڪ جنت ۾ منهنجو ۽ علي جو محل هڪ ئي جاءِ تي هوندو. [1]

| | | | |
|---|---|---|---|
| عاشقِ مصطفیٰ | مرتضیٰ، مرتضیٰ | سیدُالاولیا | مرتضیٰ، مرتضیٰ |
| ہیں خائفِ خُدا | مرتضیٰ، مرتضیٰ | متقی پارسا | مرتضیٰ، مرتضیٰ |
| شہرِ علم کے ہیں باب | مرتضیٰ، مرتضیٰ | بُوالحسن بُوتراب | مرتضیٰ، مرتضیٰ |

[1] تفسير قرطبى،پاره:13، سورة رعد، زير آيت:29، جلد:5، جز:9، صفحه:191ـ

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت مولا علي رضي‌اللّٰه‌عنه جو شان تہ تمام وڏو آهي، ايترو تہ وڏو آهي جو اسان جهڙا نڪما هرگز سندن شان بيان ڪرڻ جو حق ادا نہ ٿا ڪري سگهن، وقت جيئن تہ مختصر آهي تنهنڪري اچو تہ حضرت مولا علي رضي‌اللّٰه‌عنه جون **3** نصيحتون ٻڌون ٿا:

## (1): ٻانهن جا حق پُورا ڪرڻ جي نصيحت

تمام وڏا محدث، امام احمد بن حنبل رَحمۃُاللّٰہِعَلَيۡه روايت ذڪر ڪن ٿا، جنهن جو مضمون هن طرح آهي تہ مسلمانن جي چوٿين خليفي حضرت مولا علي رضي اللّٰه‌عنه جي خلافت جو زمانو هو، هڪ ڏينهن پاڻ بازار ڏانهن تشريف وٺي ويا ، ڏٺائون تہ هڪ عورت بيٺي روئي رهي آهي، مولاءِ ڪائنات، مولا علي رضي اللّٰه‌عنه ان عورت کان روئڻ جو سبب پڇيو تہ ان چيو: مان لونڊي آهيان، مان فلاڻي دڪاندار کان ڪجهه درهمن (*Silver coins*)جون ڪجورون خريد ڪيون هيون پر منهنجي مالڪ کي اهي ڪجورون پسند نہ آيون ۽ ان واپس ڪري ڇڏيون، هاڻي دڪان وارو ڪجورون واپس نہ ٿو وٺي، ان ڪري مان پريشان آهيان. حضرت علي المرتضيٰ شير خدا رضي‌اللّٰه‌عنه ڪجور وڪڻڻ واري کي ان عورت جي سفارش ڪئي ۽ فرمايو: ڪجورون واپس وٺو ۽ هِن ويچاريءَ کي سندس درهم موٽائي ڏيو، هيءَ تہ ڪنيز آهي، پنهنجي مرضي نہ ٿي هلائي سگهي. حضرت مولا علي رضي‌اللّٰه‌عنه تمام گهڻا عاجزي وارا هئا، جيئن اڄ ڪلهہ ٿيندو آهي تہ بادشاهہ ڪيڏانهن ويندا آهن تہ پوري پروٽوڪول سان ويندا آهن، سيڪيورٽي گارڊ ساڻس گڏ هوندا آهن، حضرت مولا علي رضي‌اللّٰه‌عنه سان گڏ اهڙي ڪا بہ سيڪيورٽي نہ هئي، پاڻ عام ماڻهن وانگر بازار ۾ تشريف کڻي آيا هئا، تنهنڪري ڪجورون وڪرو ڪرڻ واري ڪين نہ سڃاتو. حضرت علي رضي‌اللّٰه‌عنه جڏهن عورت جي سفارش ڪئي تہ ان دڪاندار مَعَاذَاللّٰه! حضرت علي

المرتضيٰ رضی‌اللہ‌عنہ کي ڏِڪو ڏنو. ماڻهن جڏهن اِهو منظر ڏٺو تہ دڪان واري کي چيائون: ڇا توکي خبر ناهي تہ جنهن کي تو ڌڪو ڏنو آهي، اُهو ڪير آهي؟ دڪاندار وراڻيو: نہ، مان نہ تو سڃاڻان. ماڻهن کيس ٻڌايو تہ اِهي امير المؤمنين حضرت علي المرتضيٰ شير خدا رضی‌اللہ‌عنہ آهن. اِهو ٻڌي اُهو شخص گهبرائجي ويو ۽ ان جلدي جلدي ان عورت کان کجورون واپس ورتيون، سندس درهم واپس ڪيا ۽ حضرت علي رضی‌اللہ‌عنہ جي خدمت ۾ حاضر ٿي عاجزيءَ سان عرض ڪيائين: عالي جاه! مان چاهيان ٿو تہ توهان مون کان راضي ٿي وڃو. مولاءِ ڪائنات، حضرت مولا علي رضی‌اللہ‌عنہ فرمايو: جيڪڏهن منهنجي رضا چاهين ٿو تہ ماڻهن جا حق پورا پورا ادا ڪندو ڪر...!! (1)

| | |
|---|---|
| یاعلیَّ المرتضیٰ، مولیٰ علی مشکل کشا | آپ ہیں شیرِ خُدا مولیٰ علی مشکل کشا |
| صاحِبِ لطف و عطا مولیٰ علی مشکل کشا | ہیں شہیدِ باوَفا مولیٰ علی مشکل کشا(2) |

اي عاشقان رسول! هن سبق آموز واقعي ۾ اسان جي سکڻ لاءِ تمام گهڻا مدني گُلَ آهن. سڀ کان پهريان هي ڏسو تہ حضرت علي المرتضيٰ رضی‌اللہ‌عنہ ڪيترا نہ عاجزي وارا هئا، پاڻ امير المؤمنين آهن، مسلمانن جا خليفا آهن، ان جي باوجود بہ عام ماڻهن وانگر بغير ڪنهن پروٽوڪول (*Protocol*) جي بازار ۾ تشريف کڻي ويندا هئا ۽ هِن ڳالهہ تي بہ غور ڪريو تہ ان شخص اَڻ ڄاڻائيءَ ۾ پاڻ رضی‌اللہ‌عنہ کي مَعَاذَالله! ڌِڪو ڏنو، اِهو بي ادبي وارو رويو هو ان تي بہ پاڻ رضی‌اللہ‌عنہ ان شخص کي ڪا سزا نہ ڏني.

---

1 ... فضائل الصحابہ لاحمد بن حنبل،فضائل علی ،جز :2، صفحہ:621، حدیث:1062۔

2 ... وسائل بخشش،صفحہ:521۔

فخر و غُرور سے تُو مولیٰ مجھے بچانا | یارَبّ! مجھے بنادے پیکر تُو عاجِزی کا[1]

صَلُّوْاعَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## ماڻهن جا حق پورا ڪريو!

پيارا اسلامي ڀائرو! ٻيو مدني گُلَ جيڪو هن واقعي مان اسان کي سکڻ جي لاءِ مليو اُهو هِي آهي تہ حضرت مولا علي رضی اللہ عنہ کجورون وڪڻڻ واري کي فرمايو: جيڪڏهن تون مون کي راضي ڪرڻ چاهين ٿو تہ ماڻهن جا حق پورا ڪندو ڪر.

هن مان معلوم ٿيو تہ ماڻهن جا حق پورا ڪرڻ وڏي فضيلت ۽ اهميت وارو ڪم آهي، اسان سيني کي گهرجي تہ ٻانهن جا حق پورا ڪندا رهون ◈ والدين جا بہ حق آهن ◈ ڀينرن ۽ ڀائرن جا بہ حق آهن ◈ اسلام ڀاڙيسرين جا بہ حق رکيا آهن ◈ دوستن احبابن جا بہ حق آهن ◈ اهلِ محلہ جا بہ حق آهن ◈ دڪاندارن جا بہ حق آهن ◈ گراهڪن جا بہ حق آهن، انهن سيني جا حق پورا ڪرڻا آهن. اِنْ شَآءَ اللّٰہُ الْکَرِیْم!

## ٻانهن جي حقن جي اهميت وڏيڪ آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! هيءَ ڳالهہ هميشہ ياد رکو تہ حقوق العباد (يعني ٻانهن جا حق) جو معاملو تمام نازڪ آهي، بلڪ علماءِ ڪرام فرمائن ٿا: هڪ لحاظ کان حقوق العباد جو معاملو وڏيڪ سخت آهي جو تہ قيامت جي ڏينهن الله پاڪ پنهنجا حق چاهي تہ معاف ڪري ڇڏيندو پر ٻانهن جا حق تيسيتائين معاف نہ ٿيندا جيستائين اهو ٻانهو پاڻ معاف نہ ڪري.

[1] ... وسائل بخشش، صفحہ:178۔

۽ افسوس! اڄ دنيا ۾ تہ معافي تلافي ڪري، ڪجهہ ڏئي وٺي ڪنهن کي راضي بہ ڪري سگهجي ٿو، پر قيامت جي ڏينهن...!! هاءِ اهو سخت ڏينهن، ان ڏينهن نہ مال ۽ دولت هوندي ۽ نہ ئي ميڙن منٿن ڪرڻ سان ڪم نهندو، هر ڪو نيڪين لاءِ ترسي رهيو هوندو، پاڻ کي ڪنهن نہ ڪنهن طرح جهنم کان بچائڻ ۽ جنت ۾ پهچائڻ جو فڪر ۾ لڳل هوندو، ان ڏينهن ماڻهن کان پنهنجا حق معاف ڪرائڻ انتهائي ڏکيو ٿي ويندو.

## نيڪيون ڏيڻيون پئجي سگهن ٿيون

حضرت ابو هريره رضي الله عنه کان روايت آهي تہ، آخري نبي، مڪي مدني صلّى الله عليه واله وسلّم فرمايو: جنهن ڪنهن جي عزت يا ڪنهن بي شيءِ تي زيادتي ڪئي هجي تہ کيس گهرجي تہ ان ڏينهن جي اچڻ کان اڳ اڄ ئي معافي وٺي ڇڏي، جنهن ڏينهن درهم ۽ دينار نہ هوندا. جيڪڏهن ان وٽ نيڪ اعمال هوندا تہ ظلم جي برابر ان کان نيڪ اعمال ورتا ويندا ۽ جيڪڏهن نيڪيون بہ نہ هونديون تہ ظلم جي برابر مظلوم جا گناهہ ان تي وِڌا ويندا.[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! غور تہ فرمايو: ٻانهن جي حقن جو معاملو ڪيڏو نہ سخت آهي، اڄ وقت آهي، موقعو آهي، اسان سڀني کي گهرجي تہ ٻانهن جي حقن جي معاملي ۾ تمام گهڻو حساس رهون، هڪ تہ ڪنهن جي حق تلفي نہ ڪريون، ڪنهن کي ڪا تڪليف نہ پهچايون، پر جيڪڏهن خدا نہ ڪري اسان جي ڪري ڪنهن جي دل آزاري بہ ٿئي تہ فوراً معافي ۽ تلافيءَ جو سلسلو شروع ڪري ڇڏيون.

امام غزالي رَحمةُاللهِعَلَيه اَحياءُ العلوم جي ٻئي جلد ۾ تفصيل سان ٻانهن جا حق بيان ڪيا آهن. اتان حقن جو بيان پڙهي وٺندا تہ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! حق پورا

[1] بخاری، کتاب فی المظالم والغضب، باب من کان لہ مظلمۃ...الخ، صفحہ:631، حدیث:2449۔

ڪرڻ جو ذهن بہ ٺهندو ۽ انهن جي باري ۾ ڪافي معلومات بہ حاصل ٿيندي. اللّٰہ پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِیْنْ بِجَاہِ خاتَمِ النَّبِیّٖن صلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## (2) آخرت ۾ پنهنجو گهر ٺاهيو

پيارا اسلامي ڀائرو! امير المؤمنين حضرت مولا علي مشڪل ڪشاء رضی اللہ عنہ جي ٻي نصيحت ڪهڙي آهي...؟ اچو تہ ٻڌون! حضرت با يزيد بسطامي رَحمۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ تمام وڏا ولي اللّٰہ ٿي گذريا آهن، هڪ دفعي سندن قسمت جاڳي پئي ۽ سندن خواب ۾ مسلمانن جا چوٿون نمبر خليفا، مولا علي مشڪل ڪشا رضی اللہ عنہ تشريف ڪٽي آيا، حضرت با يزيد بسطامي رَحمۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ ادب سان عرض ڪيو: اي امير المؤمنين رضی اللہ عنہ! مون کي فائدي واري ڳالهہ سيکاريو! پاڻ رضی اللہ عنہ کين ڪجهہ نصيحتون ڪيون، پوءِ فرمايائون: سڀ کان بهترين نصيحت هيءَ آهي، ايترو چئي پاڻ پنهنجي مُٺِ کوليائون، ان تي سون جي پاڻي سان هي شعر لکيل هو:

| | |
|---|---|
| كُنْتَ مَيِّتًا فَصِرْتَ حَيًّا | وَعَنْ قَلِيلٍ تَكُونُ مَيِّتًا |
| فَابْنِ بِدَارِ الْبَقَاءِ بَيْتًا | وَاهْدِمْ بِدَارِ الْفَنَاءِ بَيْتًا |

**ترجمو:** تون اڳ ۾ ڪجهہ نہ هئين ، پوءِ زنده ڪيو وئين، عنقريب ٻيهر موت جي مُنهَن ۾ هليو ويندين، تنهنڪري باقي رهڻ واري جهان (يعني آخرت) ۾ پنهنجو گهر ٺاهِ! دارِ فنا (يعني دنيا) جو گهر ڊاهي ڇڏ! (1)

1... تاريخ دمشق، رقم:1561، الحسين بن على بن جعفرالبغدادى، جلد:14، صفحہ:105۔

دل سے دنیا کی محبّت دور کرکے یا علی! | دیدو عشقِ مصطفےٰ امولیٰ علی مشکل کشا![1]

پيارا اسلامي ڀائرو! هيءَ هڪ خوبصورت نصيحت آهي، ان جو مطلب هرگز اهو نہ آهي تہ اسان پنهنجو گھر ڍاهي روڊ تي اچي وڃون، پر! ان جو مطلب هي ضرور آهي تہ اسان هن دنيا جي گھر ۾ دل نہ لڳايون بلڪ آخرت جو فڪر ڪريون.

آخرت کی فکر کرنی ہے ضَرور | زندَگی اِک دن گزرنی ہے ضَرور
قبر میں مِیّت اُترنی ہے ضَرور | جیسی کرنی ویسی بھرنی ہے ضَرور
ایک دن مرنا ہے آخر موت ہے | کرلے جو کرنا ہے آخر موت ہے

## (3): مغفرت جي طرف ڊوڙو!

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت علي المرتضيٰ رضي الله عنه جي ٽين نصيحت ٻڌو! پاڻ رضي الله عنه هڪ دفعي خطبو ڏيندي فرمايائون: اي الله پاڪ جا ٻانهو! موت! موت! جنهن کان بچڻ وارو ڪو بہ نہ آهي. جيڪڏهن توهان ان کان ڀڄڻ جي ڪوشش ڪندؤ تہ اُهو توهان کي پڄڻ نہ ڏيندو ۽ توهان کي پڪڙي وٺندو. هن موت توهان کي پيشانيءَ کان پڪڙي رکيو آهي. هاڻي نجات صرف جلد عمل ڪرڻ ۾ آهي. توهان جي پٺيان هڪ جلد باز طالب آهي ۽ اُها قبر آهي. ٻڌي ڇڏيو! قبر جنت جي باغن مان هڪ باغ يا جهنم جي کڏن مان هڪ کڏ آهي. ٻڌو! اِها قبر روزانو 3 دفعا مخاطب ٿيندي چوندي آهي: **مان اونداهيءَ جو گھر آهيان، مان وحشت جو مڪان آهيان ۽ مان ڪيڙن مڪوڙن جو گھر آهيان**. ٻڌو! هن قبر کان پوءِ هڪ اهڙو ڏينهن آهي جنهن کان وڌيڪ سخت ڪو ڏينهن نہ آيو آهي. ان ڏينهن ٻار پوڙها ٿي ويندا ۽ وڏا هوش ۾ نہ هوندا. الله پاڪ فرمايو

[1] وسائلِ بخشش، صفحہ:523۔

آهي:

تَذۡهَلُ كُلُّ مُرۡضِعَةٍ عَمَّآ اَرۡضَعَتۡ وَتَضَعُ كُلُّ ذَاتِ حَمۡلٍ حَمۡلَهَا وَتَرَى النَّاسَ سُكٰرٰى وَمَا هُمۡ بِسُكٰرٰى وَلٰكِنَّ عَذَابَ اللّٰهِ شَدِيۡدٌ ۞ (پارو: **17**،سورة حج: **2**)

ترجموڪنزالعرفان: هر ڪير پياريندڙ پنهنجي ڪير پيئندڙ ٻار کي وساري ويهندي ۽ هر حمل واري پنهنجو حمل ڪيرائي وِجَهندي ۽ تون ماڻهن کي ڏسندين جهڙو نشي ۾ آهن جڏهن ته اُهي نشي ۾ نه هوندا پر الله جو عذاب وڏو سخت آهي.

ٻڌو! هِن ڪان پوءِ اهڙو ڏينهن (يعني قيامت) آهي جنهن ڪان وڌيڪ سخت ڪو ڏينهن نه آهي. ان ڏينهن جهنم ڀڙڪي رهيو هوندو، ان جي گرمي شديد هوندي ۽ ان جي گهرائي تمام گهڻي آهي. **ان جهنم جوزيورلوهه جا گُرز ۽ ان جو پاڻي پُونءِ آهي.** ان ۾ الله پاڪ جي رحمت جو ڪو حصو نه آهي. اِهو ٻڌي ماڻهو تمام گهڻو رُنا پوءِ پاڻ رضی اللہ عنہ فرمايو: ان ڪان پوءِ به هڪ ڏينهن آهي. (جنهن جي باري ۾ الله پاڪ فرمائي ٿو:)

وَسَارِعُوۡۤا اِلٰى مَغۡفِرَةٍ مِّنۡ رَّبِّكُمۡ وَجَنَّةٍ عَرۡضُهَا السَّمٰوٰتُ وَالۡاَرۡضُ ۙ اُعِدَّتۡ لِلۡمُتَّقِيۡنَ ۞ (سيپارو: **4**، سورة آل عمران: **133**)

ترجموڪنزالعرفان: ۽ پنهنجي رب جي بخشش ۽ ان جي جنت ڏانهن ڊوڙو جنهن جي چوڙائي آسمانن ۽ زمين جي برابر آهي. اها پرهيزگارن جي لاءِ تيار ڪئي وئي آهي.

الله پاڪ اسان کي ۽ توهان کي جنت ۾ داخل ڪري ۽ دردناڪ عذاب

ڪان بچائي. (1)

## اجتماعي اعتڪاف ۾ شرڪت ڪري وٺو!

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلحمدُلله! ماهِ رمضان پنهنجون برڪتون لُٽائي رهيو آهي، هاڻي ڪجھ ئي ڏينهن ڪان پوءِ جهنم ڪان آزاديءَ جو ڏهاڪو شروع ٿي ويندو، اَلحمدُلله! هاڻي به رحمت جو وسڪارو ٿي رهيو آهي، بخشش جا پروانا ورهائجي رهيا آهن، جلد ئي اجان وڌيڪ رحمتون وسڻ شروع ٿي وينديون، پوءِ آخري عشري ۾ ته **شبِ قدر** به اچڻي آهي، تنهنڪري اسان سيني کي گهرجي ته مغفرت جي طرف ڊوڙڻ شروع ڪيون. ان جو طريقو ڪهڙو آهي؟ هي ته جيترين عبادتون ڪري رهيا آهيون، آخري ڏهاڪو ايندي ئي انهن ۾ واڌارو ڪري ڇڏيون. مسلمانن جي پياري امي جان حضرت عائشه صديقه رضي الله عنها فرمائن ٿيون: اسان جا پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰہُ عَلَيۡهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم رمضان مبارڪ جا پهريان 20 ڏينهن عبادت به فرمائيندا هئا ۽ آرام به ڪندا هئا، پوءِ جڏهن آخري ڏهاڪو تشريف ڪڻي ايندو هو ته عبادت تي سندرو ٻڌي وٺندا هئا. (2)

اسان کي به گهرجي ته انهن آخري ڏينهن کي غنيمت سمجهي، انهن ۾ خوب عبادت ۽ رياضت ڪريون، بهتر ته هي آهي ته آخري ڏهاڪي جو اعتڪاف ڪري وٺون، مسجد ۾ هونداسين ته اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيۡم! گناهن ڪان به بچي وينداسين ۽ نيڪين جو ميٽر (*meter*)به هلندو رهندو. وڌيڪ بهتر هي آهي ته دعوتِ اسلامي جي تحت ٿيڻ واري اجتماعي اعتڪاف ۾ شرڪت ڪريون، اَلحمدُلِله!◈ اجتماعي اعتڪاف جو پورو جدول نهيل هوندو آهي

[1]… تنبيه الغافلين، باب عذاب القبر وشدته، صفحه:20-

[2]…مسلم، كتاب الاعتكاف، باب الاجتهاد في العشر الاوخر من شهر رمضان،صفحه:429، حديث:1174-

◈ معلم (سيکارڻ وارا) موجود هوندا آهن ◈ علمِ دين سکڻ سيکارڻ جو سلسلو بہ هوندو آهي ◈ عبادتون بہ ٿينديون آهن ۽ ◈ اعتکاف جا ڏينهن ڪيئن گذارڻا آهن؟ وڌ کان وڌ نيڪيون ڪيئن ڪمائڻيون آهن؟ گهڙيءَ گهڙي ان جي رهنمائي بہ ٿيندي رهندي آهي.

## اعتکاف جون فضيلتون

◈ مسلمانن جي پياري امي جان حضرت عائشہ صديقہ رضی اللہ عنها کان روايت آهي: مَنِ اعْتَکَفَ اِيْمَانًا وَّاحْتِسَابًا غُفِرَ لَهٗ مَا تَقَدَّمَ مِنْ ذَنْبِهٖ يعني جنهن ايمان سان ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي نيت سان اعتڪاف ڪيو تہ ان جا پويان گناهہ بخشيا ويندا.[1] ◈ هڪ حديث پاڪ ۾ فرمايو ويو: جنهن **رمضان شريف** ۾ **10** ڏينهن جو اعتڪاف ڪري ورتو، اهو ائين آهي جڻ ان **2** حج ۽ **2** عمرا ڪيا.[2]

## نفلي اعتڪاف ئي ڪري وٺو...!

پوري ڏهاڪي جو اعتڪاف نہ ڪري سگهو تہ نفلي اعتڪاف ئي ڪري وٺو! مثال طور: ڏينهن ۾ پنهنجا ضروري ڪم ڪريو ۽ رات جو مسجد ۾ اچي اعتڪاف وارن سان گڏ گذاريو! ان سان بہ اِنْ شَآءَ اللهُ الْکَرِيْم! تمام گهڻيون برڪتون حاصل ٿينديون. الله پاڪ جي آخري نبي، مکي مدني صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جيڪو الله پاڪ جي رضا ۽ خوشنوديءَ لاءِ هڪ ڏينهن جو اعتڪاف ڪندو الله پاڪ ان جي ۽ جهنم جي وچ ۾ 3 خندقون (*Trenches*) حائل ڪري ڇڏيندو ۽ هر خندق جي مسافت (يعني فاصلو) اولهہ (*West*)۽ اوير

---

[1]...جَامِع صغِير، صفحہ:516، حديث:8480۔

[2]...جامع صغير، صفحہ:516، حديث:8479۔

(*East*) جي فاصلي ڪان بہ وڌيڪ آهي.[1]

مِٹھے آقا کریں گے کرم کی نظر | دِینی ماحول میں کر لو تم اعتِکاف
مرضِ عِصیاں سے چُھٹکارا چاہو اگر | دِینی ماحول میں کر لو تم اعتِکاف
فضلِ ربّ سے گناہوں کی کالک دُھلے | دِینی ماحول میں کر لو تم اعتِکاف
نیکیوں کا تمھیں خُوب جذبہ ملے | دِینی ماحول میں کر لو تم اعتِکاف[2]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ايصالِ ثواب ڪريو...!

پيارا اسلامي ڀائرو! 17 رمضان ڪريم تي غزوه بدر جو واقعو پيش آيو، تنهنڪري ان ڏينهن شهداءِ بدر لاءِ ايصال ثواب جو اهتمام ڪريو! ◈ 18 رمضان ڪريم تي اسان مسلمانن جي پياري امڙ سائڻ، حضرت عائشہ صديقہ طيبہ طاهره رضي الله عنها جو يومِ وصال آهي ◈ 19 ۽ رمضان ڪريم تي پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي پياري شهزادي حضرت رقيہ رضي الله عنها جو يومِ وصال آهي، تنهنڪري انهن ٻنهي مقدس هستين جي حضور ۾ ايصالِ ثواب جو نذرانو ضرور پيش فرمايو! ◈ 21 رمضان ڪريم مولا علي رضي الله عنه جو يومِ عُرس آهي، تنهنڪري انهن جي بارگاهہ ۾ بہ ايصال ثواب جو نذرانو ضرور پيش ڪريو! الله پاڪ اسان سڀني کي عمل جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

---

[1]... شُعَبُ الْاِيْمَان، باب:فی الاعتکاف، جلد:3، صفحہ:425، حديث:3965۔

[2]... وسائلِ بخشش، صفحہ:639۔

## دعوتِ اسلامي جي هڪ شعبي جو تعارف: اوراقِ مقدس

پيارا اسلامي ڀائرو! دعوت اسلامي **80** کان وڌيڪ شعبن جي ذريعي دين اسلام جي خدمت ۽ مسلمانن جي خيرخواهي ڪري رهي آهي، انهن ئي شعبن مان هڪ شعبو **شعبهِ اوراقِ مقدس** بہ آهي.

هن شعبي جي ذريعي مقدس اوراق جي حفاظت ڪئي ويندي آهي يعني ◈ گهِٽِيُن ۽ محلن ۾ ◈ مسجدن جي ويجهو ◈ مختلف چوڪن تي باڪس ۽ ڊرم لڳائي مقدس اوراق گڏ ڪيا ويندا آهن، پوءِ انهن کي بورين ۾ ڀري قرآن محل ۾ محفوظ ڪيو ويندو آهي ◈ يا دفن ڪيو ويندو آهي، يا انهن کي سمنڊ ۾ ٺڏو ڪيو ويندو آهي.

هيءُ شعبو ننڍن وڏن 670 شهرن ۽ وسندين ۾ ڪم ڪري رهيو آهي. هن شعبي جي ماتحت 1 لک 25 هزار 1 سئو 97 عام باڪس ۽ 2 هزار 2 سئو 71 وڏا ڊرم رکيا ويا آهن. مقدس اوراقن جي لاءِ 42 رڪشا ۽ گاڏيون، 3 سئو 18 اسٽور، 84 ڪارخانا ۽ 78 قرآن محل قائم آهن. مقدس اوراقن جا 28 لکن کان وڌيڪ باردانا محفوظ ڪيا ويا آهن.

## قرآن ٽيچر موبائل ايپلي ڪيشن

اي عاشقان رسول! اَلحمدُ لله! قرآن ڪريم جو فيضان عام ڪرڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي آئي ٽي *I.T* ڊپارٽمينٽ هڪ موبائل ايپلي ڪيشن جاري ڪئي آهي، جنهن جو نالو آهي: **قرآن ٽيچر (Quran Teacher)** ◈ هن ايپلي ڪيشن ذريعي درسِ نظامي، فيضانِ نماز ڪورس ۽ زڪوٰت ڪورس جهڙن ڪيترن ئي آن لائن ڪورسز لاءِ رجسٽريشن ڪرائي سگهجي ٿي ◈ اسٽوڊنٽ پورٽل (*Student Portal*)۾ پنهنجي آن لائن ڪلاس جي سرگرمين جي باري ۾ باخبر رهي سگهجي ٿو ◈ دعوتِ اسلامي جي هن پليٽ فارم

تي تقريباً **45** کان وڌيڪ اسلامي ڪورسز ڪرايا ويندا آهن ◈ توهان پنهنجي مرضي مطابق ڪنهن بہ ڪورس جو انتخاب ڪري سگهو ٿا ۽ بغير ڪنهن مشڪل جي آن لائن قرآن سکڻ لاءِ داخلا حاصل ڪري سگهو ٿا. هن ايپلي ڪيشن کي ڊائون لوڊ ڪري پاڻ بہ فائدو وٺو ۽ ٻين کي بہ ترغيب ڏياريو.

صَلُّوْاعَلَی الْحَبِیْب!　　صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## عطيات جي ترغيب

پيارا اسلامي ڀائرو! توهان جي پنهنجي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي، هن وقت **80** کان وڌيڪ شعبن ۾ دين جي خدمت ڪرڻ ۾ مصروف آهي.

◈ اَلحمدُ لله! **1500** کان وڌيڪ **جامعات المدينہ** (گرلز اينڊ بوائز)، **19 هزار 900** **مدارس المدينہ** (بوائز اينڊ گرلز) قائم آهن، جن ۾ حفظ و ناظره، عالم ڪورس (درس نظامي)، مختلف تخصصات (*Specialization*) ۽ فرض عُلوم ڪورسز ڪرايا ويندا آهن. ◈ جامعات ۽ مدارس المدينہ (بوائز اينڊ گرلز) ۾ طلبا جو مجموعي تعداد تقريباً **5 لک 69 هزار** آهي. ◈ فيضان اسلامڪ اسڪول، دارالمدينہ (اسڪول، ڪاليج، يونيورسٽي) جو تعداد **299** آهي، جڏهن تہ شاگردن ۽ شاگردياڻين جو تعداد **54 هزار** کان وڌيڪ آهي. ❀ شعبہءِ قافلا جي تحت عاشقان رسول ◈ **12** مهينا ◈ **1** مهينو ◈ **12** ڏينهن ◈ ۽ **3** ڏينهن جي قافلن ۾ سفر جي سعادت حاصل ڪندا آهن، **هڪ سال** اندر سفر ڪرڻ وارن جو تعداد **10 لکن** کان وڌيڪ آهي. ◈ مدني چينل اردو، انگريزي، بنگلا، ٻارن جو مدني چينل، بزرگن جو مدني چينل ۽ عربي ويب چينل جي ذريعي دينِ اسلام جي خدمت ڪئي پئي وڃي.

توهان بہ خدمتِ دين جي هن ڪم ۾ پنهنجو حصو شامل ڪريو! پنهنجا عطيات دعوت اسلامي کي ڏيو، توهان جي چندي يعني ڊونيشن کي ڪنهن بہ جائز، ديني، اصلاحي، فلاحي، روحاني، خيرخواهي، ڀلائي ۽ آمدني وڌائڻ جي جائز ۽ محفوظ ڪمن ۾ لڳائي سگهجي ٿو تہ جيئن وڌنڌڙ خرچن جو پورائو ڪري سگهجي.

دعوتِ اسلامی کی قَیُّوم، سارے جہاں میں مچ جائے دُھوم
اس پہ فدا ہو بچہ بچہ یااللہ! مری جھولی بھر دے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## ڪجھ ضروري اعلانات

پيارا اسلامي ڀائرو! پيارا اسلامي ڀائرو! رمضان المبارڪ جي مهيني ۾ خاص طور تي اميرِ اهلسنت، مولانا محمد الياس قادري دَامَتْ بَرَکَاتُہُمُ الْعَالِیَہْ، مدني چينل تي روزانو عصر ۽ تراويح جي نماز کان پوءِ مدني مذاڪري جي ذريعي سوالن جا جواب عنايت فرمائيندا آهن. تمام ذميوار ۽ عاشقانِ رسول انهن مدني مذاڪرن ۾ پاڻ بہ شرڪت فرمائين ۽ ٻين کي بہ ان جي دعوت ڏين. شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنت دامت برڪاتهم العاليہ هر هفتي هڪ ديني رسالو پڙهڻ جي ترغيب ارشاد فرمائيندا آهن. ايندڙ هفتي جي مدني مذاڪري ۾ رسالي"دل کي سڪون ڏيندڙ آيتون" جو اعلان ڪيو ويندو. هي رسالو پاڻ بہ پڙهو ۽ ٻين کي بہ ان جي ترغيب ڏياريو. جيڪي پيارا ڀائر سوشل ميڊيا (مثلاً واٽس ايپ وغيره) استعمال ڪن ٿا، اهي رضائي الاهي ۽ ثواب جي نيت سان هي رسالو ٻين ڏانهن بہ شيئر (Share) ڪن. قرآن جو پيغام هاڻي ٿيو آسان! اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُاللہِ عَلَیۡہ جي ترجمي ۽ مختلف تفسيرن کي سامهون رکندي، آسان ۽ منفرد انداز ۾ لکيل قرآن پاڪ جو ترجمو"ترجمه

ڪنزالعرفان“، جنهن کي مڪتبة المدينہ پاران اردو کان علاوه ٽن ٻولين (انگلش، سنڌي ۽ پشتو) ۾ شايع ڪيو ويو آهي. هي ترجمو اردو ٻوليءَ ۾ مڪتبة المدينہ جي ڪنهن بہ شاخ تان 2500 رپين جي عيوض طلب فرمايو. اميرِ اهلسنت دامت برڪاتهم العاليہ جو نئون ڪتاب ”مڪتوباتِ اميرِ اهلسنت“ مڪتبة المدينہ تي اچي چڪو آهي، اڄ ئي قيمت ادا ڪري حاصل ڪريو. رمضان جي مهيني کي نيڪين ۾ گذارڻ لاءِ مڪتبة المدينہ تان ”جنتي اعمال ڪارڊ“ صرف 5 رپين ۾ حاصل ڪريو. ان کان علاوه ”جنتي اعمال موبائل ايپلي ڪيشن انسٽال ڪري بہ پنهنجي عملن جو جائزو وٺي سگهجي ٿو.

## صدقهءِ فطر جي فضيلت

الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| قَدْ اَفْلَحَ مَنْ تَزَكّٰى ﴿۱۴﴾<br>(پارو: 30، سورة الاعليٰ: 14) | ترجموڪنزالعرفان بيشڪ جنهن پاڻ کي پاڪ ڪري ورتو اهو ڪامياب ٿيندو. |

تفسير خزائن العرفان ۾ آهي: هن آيت ۾ تَزَكّٰى مان مراد صدقهءِ فطر ڏيڻ آهي.[1] يعني جيڪو شخص عيد الفطر جي موقعي تي فطرو ڏئِي غريبن کي عيد جون خوشيون ملهائڻ جو موقعو فراهم ڪندو آهي، ان جي دل صاف ٿي ويندي آهي ۽ اُهو فلاح ۽ ڪاميابي تائين پهچي ويندو آهي.

پيارا اسلامي ڀائرو! ◈ فطرو هر مسلمان، آزاد مالڪِ نصاب تي جنهن جو نصاب حاجتِ اصليہ کان فارغ هجي واجب آهي.[2] ◈ حديث پاڪ ۾

[1]…تفسير خزائن العرفان، پاره:30، الاعلیٰ، زيرِ آيت:14، صفحه:1099۔

[2]…بہارِ شريعت،جلد:1 ، صفحه:935 ،حصه:5۔

**آهي:** جيڪي توهان مان مالدار آهن الله پاڪ (صدقهءِ فطر ڏيڻ جي سبب) انهن کي پاڪ فرمائي ڇڏيندو ۽ جيڪي توهان مان غريب آهن ته الله پاڪ انهن کي (جيڪو صدقو ڏنو ويو آهي) ان کان به وڌيڪ ڏيندو. [1] ◈ حضرت عبدالله بن عمر رضی اللہ عنہ فرمائن ٿا: فطرو ادا ڪرڻ ۾ 3 فضيلتون آهن: **(1):** روزي جو قبول ٿيڻ **(2):** موت ۾ آساني **(3):** عذابِ قبر کان نجات. [2] ◈ اهلِ مدينه صدقهءِ فطر ۽ پاڻي پيارڻ کان افضل ڪو بيو صدقو نه سمجهندا هئا. [3] ◈ خليلِ ملت حضرت علامہ مفتي محمد خليل خان برڪاتي رَحمةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: فطرو دراصل **رمضان شريف** جي روزن جو صدقو آهي ته جيئن لغو ۽ بيهوده ڪمن کان روزي جي طهارت ٿي وڃي گڏوگڏ غريبن، ۽ نادارن جي عيد جو سامان به ٿي وڃي ۽ روزن ذريعي حاصل ٿيڻ وارين نعمتن جو شڪريو به ادا ٿي وڃي. [4]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

مختلف سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينه جو شايع ٿيل ڪتاب **بهار شريعت** جلد: 3 مان حصو 16 ۽ شيخ طريقت، امير اهل سنت **مولانا الياس قادري** دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو **91** صفحن تي مشتمل رسالو **550 سنتون ۽ آداب** خريد فرمايو ۽ پڙهو. سنتون سکڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر ڪرڻ به آهي.

---

1…ابو داود، کتاب الزکاۃ، باب من روی نصف صاع من قمح، صفحہ:265، حدیث:1619۔

2… المبسوط للسرخسی، کتاب الزکاۃ، باب صدقۃ الفطر، جلد:2، صفحہ:114 ۔

3… تفسیر طبری، پارہ:30 ، سورۂ اعلی، زیرِ آیت:14، جلد:12، صفحہ:547، حدیث:36992۔

4… ہمارا اسلام، حصّہ:7، صفحہ:87۔

علم حاصل کرو، جہل زائل کرو | پاؤ گے راحتیں، قافلے میں چلو
سنّتیں سیکھنے تین دِن کے لیے | ہر مہینے چلیں، قافلے میں چلو

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِیْن بِجَاہِ خاتَمِ النَّبِیّٖن صلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد